افشان ناز

# انسان جي تخليق بابت قرآني ارتقائي نظريو


## *Abstract*

**QURANIC THEORY OF EVOLUTION IN REGARDING THE CREATION OF HUMAN**

*In this essay, it is stated that the birth of human child seems to be an usual / routine incident but, a question still arises in the mind that who was the first man and where did he come from? In this regard, the Holy Quran guides us and tells us that the first human being was Hazrat Adam (AS), who was created by Allah Almighty. This creation , passed through different phases/ stages, came to the perfect human being. According to the Quranic Ayats, this evolution of Adam (AS) took place in two ways. First was physical evolution, through fire, clay, air and water while the second evolution was spiritual, that was from illiteracy to knowledge. It means that Allah Almighty first made clay's statue of Adam (AS) and then bestowed him with the blessings of hearing, listening , wisdom, sense and authority. It was because of these qualities that, angles bowed before Adam (AS) . That was the important chain of evolution which made Adam (AS) superior to other creatures, then Allah created the pair of Adam (AS) Bibi Hawa (AS) and the offspring of this first pair continued with combination of their water. This is the reason that Adam (AS) is called great grand father of al human beings.*

*According to this Quranic evolutionary process, every man is evolving spiritually and physically and through this processes man is excelling himself everyday.*


**انساني** ٻارڙي جي پيدائش اڄ اسان جي نظر ۾ سج جي اُڀرڻ ۽ لهڻ وانگر هڪ عام رواجي جو واقعو بڻجي ويو آهي، پر سببن ۽ ذريعن جي ڪڙين ۾ قيد انسان جڏهن ڪتاب تخليق جا ورق اٿلائي ٿو ته ان جي نگاهه اچرج جي ان مقام تي وڃي ٿي بيهي، جنهن کي انسان جي سلسلي ۾ پهرين ڪڙي قرار ڏجي ٿو. اُن حيرت جي مقام تي پهچڻ سان اهو سوال ذهن ۾ اڀري ٿو ته، ’سڀ کان پهريون انسان‘ وجود ۾ ڪيئن آيو؟

اهو تعجب ۽ حيرت بجا آهي پر انساني تحقيق ۽ تجربن جي نتيجي ۾ پڌراين ۽ ايجادن جي حقيقت صرف هيءَ آهي ته انساني تخليق متعلق ڪجهه حقيقتون ته واقعي ڪُلي آڏو اچي رهيون آهن پر محقق جڏهن ان سلسلي جي آخري ڪڙي تي پهچن ٿا، اتي





سندن نگاهه ۾ حيرت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نٿو رهي. اهو حيرت جو مقام انساني علم ۽ تحقيق تحت متعين ٿيندو آهي، يعني جيتريون علم ۽ فهم جون منزلون اڳتي وڌنديون وينديون، اوترو نت نيون حقيقتون آڏو اينديون. اهو ئي مقام آهي جتي هڪ مومن بنان ڪنهن هٻڪ هيئن چئي ٿو سمجهو ته هن جي ابتدا قادرِ مطلق جي ڪُن فيڪون واري قانون جي وسعت جي ڪري آهي، جيڪو خود طبعي سلسلن، سببن ۽ ذريعن کان بي نياز آهي. ان طرح اهو حيرت جو مقام خدا فراموش جي خيالي ويچارن کي رد ڪري ٿو ۽ هڪ خدا پرست جي مشعل ايمان کي چمڪائي ڇڏي ٿو.

انسان جڏهن پهريون پيرو شعوري طور تي اک کولڻ سان ئي پنهنجي چوڌاري آسمان ۽ ان جي لامحدود وسعتن، جبلن، زمين، چنڊ ۽ تارن جي سرشتي کي ڏسي حيران ٿيندو رهيو ته پوءِ اهو پلا ڪيئن سمجهي ٿي سگهيو ته هو پاڻ ڪٿان آيو آهي ۽ اهي سلسلا ڪيئن ۽ ڪڏهن شروع ٿيا؟ جيتوڻيڪ سج ڪٿان اچي ٿو ۽ ڪيڏانهن وڃي ٿو؟ يا تارا ڪٿان آيا آهن؟ ۽ اهڙا ٻيا سوال سندس ذهن ۾ ايندا رهيا، پر ان وقت سندس شعور ۽ فهم جڏهن به انهن سوالن جا جواب ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي ته هڪ نئون سوال ذهن ۾ اڀرندو رهيو ۽ سندس حيرت ويتر وڌندي وئي.

هاڻي سوال اهو ٿو اڀري ته جڏهن انسان عالمِ آفاق متعلق ڪجهه نٿو سمجهي سگهي ته پوءِ هو پنهنجي تخليق جو راز ڪيئن ڄاڻي سگهندو؟ سڀ کان پهريون انسان ڪير هو؟ هو ڪيئن وجود ۾ آيو اهي اهڙا سوال آهن جيڪي انسان جي حيرت ۽ جاکوڙ جو مرڪز رهيا پر جيئن جيئن انسان جي شعور ۾ پختگي آئي ۽ هن زندگي جون ڪجهه منزلون طئي ڪيون ته منجهس علم حاصل ڪرڻ جي شوق ۽ تجسس، تحقيق جي صورت اختيار ڪئي، ان طرح انسان جي اندر جيڪا صلاحيت (تجسس) رکي وئي هئي ان مرحليوار ڳجهه جون ڳنڍيون کولڻ شروع ڪيون تان جو ان ڪوشش ۽ تحقيق جو نتيجو نظريائي ارتقا واري نظريي جي صورت ۾ سامهون آيو.

انسان جي تخليق متعلق اُهي انڪشاف جيڪي ماضي ۾ مغربي سائنس جي تجربن ۽ مشاهدن جي نتيجي ۾ سامهون آيا، انهن جي برعڪس سندن مذهبي ڪتاب (بائبل) ۾ به انسان جي تخليق بابت ڪي ڳالهيون لکيل هيون پر سندس سوچ ان جي برعڪس هئي، بائبل ۾ چيو ويو ته: ”۽ خدا چيو ته پاڻي جاندارن کي ڪثرت سان پيدا ڪري ۽ پکي زمين تي فضا ۾ اڏامن ۽ خدا وڏن وڏن دريائي جانورن کي ۽ هر قسم جي



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جاندارن کي، جيکي پاڻيءَ مان کافي تعداد ۾ پيدا کيا هئا. انهن جي جنس مطابق هر قسم جي پکين کي سندن جنس مطابق پيدا کيو ۽ خدا ڏٺو ته هي سٺو آهي ۽ خدا کين اهو چئي برکت ڏني ته وڌو ۽ سمندن جي پاڻي کي پري ڇڏيو ۽ پکي زمين تي وڌي وڃن ۽ (ائين) شام ٿي ۽ صبح ٿيو، سو پنجون ڏينهن (مکمل) ٿيو."[1]

"۽ خدا چيو ته زمين جاندارن کي سندن جنس مطلق چوپاين ۽ ريڙهيون پائيندڙ جاندارن ۽ جهنگلي جانورن کي پيدا کري ۽ ائين ئي ٿيو ۽ خدا ڏٺو ته اهو صحيح آهي پوءِ خدا چيو ته اسان انسان کي پنهنجي صورت تي ٺاهيو."[2]

پر مغربي محقق ان نتيجي تي پهتا ته مذهبي ڪتاب تمام پراڻا آهن ۽ اهي صرف ان وقت جي افسانن تي مشتمل آهن، اهي ڪتاب تڏهن جا آهن جڏهن انسان جو شعور ٻاروتڻ واري ڏاڪن ۾ هو، ان ڪري انهن جا بيان ۽ ذڪر، علم ۽ بصيرت جي روشنيءَ ۾ پرکڻ جي قابل ناهن.

مذهبي ڪتابن جي موجوده حالت کي ڏسي چئي سگهجي ٿو ته، مغربي سائنسدانن جو خيال ڪنهن حد تائين صحيح به آهي پر سندن غلطي اها آهي ته، هنن سڀني مذهبي ڪتابن کي هڪجهڙو افسانن جو مجموعو سمجهي ورتو ۽ پنهنجي عقل جي زور تي نوان نوان نظريا ڏيڻ لڳا. جيڪڏهن هو ان سلسلي ۾ جلدي بازيءَ کان ڪم نه وٺن ها ۽ زندگي جي هر شعبي ۾ علم ۽ مڪمل تحقيق کان ڪم وٺن ها ته، اها حقيقت سندن اڳيان بي نقاب ٿي وڃي ها ته دنيا جي مذهبي ڪتابن ۾ هڪ اهڙو ڪتاب به موجود آهي، جيڪو وڏي واڪ اعلان ڪري ٿو ته: "اي پيغمبرﷺ چئو ته هي منهنجي واٽ آهي پڌرن دليلن سان الله ڏانهن سڏيان ٿو آئون ۽ منهنجا تعبيدار به (سڏيندا آهن) ۽ الله پاڪ آهي ۽ مان مشرڪن مان نه آهيان."[3]

اهو آواز عربستان مان نبي سڳوريﷺ جي زبانيءَ ان وقت بلند ٿيو، جڏهن اهلِ عرب جهالت جي اونداهي ۾ وڪوڙيل هئا ۽ اولهه وارن قرآن کي پنهنجي تحقيق جو موضوع نه بڻايو هو بلڪ پادرين جي ٺاهيل افسانن کي حقيقت سمجهي اولهه وارا قرآن کان به غافل ٿي قرآن جهڙي علم ۽ بصيرت جي ڪتاب کي به علم ۽ فهم جو حريف سمجهندا هئا.

بحث هيٺ آيل موضوع کي ئي وٺو ته ابتدائي سائنس جو اهو ڪارنامو جنهن کي ارتقا جو نظريو چئجي ٿو، تنهن انسان کي اُن منزل تي وڃي بيهاريو، جتي علم ۽





فهم جا در پڻ بند ٿي وڃن ٿا، ڇو ته ذڪر هيٺ آيل نظرين تحت دعويٰ اها ڪئي وئي هئي ته انسان جانورن مان ارتقا ڪندو انسان بڻجي ويو آهي، انسان جيڪڏهن حيوان مان انسان ٿيو آهي ته پوءِ هڪ ته ان ۾ حيوانيت جو هجڻ فطري آهي ۽ ٻيو ته مٿس ڪا به ذميواري عائد نٿي ٿئي ۽ نه ئي هو ڪنهن جي اڳيان جوابده آهي، تنهن ڪري منجهس سڌاري جي به ڪا ضرورت ناهي!

ان جي ڀيٽ ۾ قرآن جي ورقن کي اٿلائي ڏسجي ته ان ڏس ۾ قرآن ڇا فرمايو آهي جيتوڻيڪ قرآن سائنسي تحقيق جو ڪتاب نه آهي. هن جو اصل موضوع هڪ اهڙو معاشرو آهي جنهن ۾ سڀني انسانن جي اهڙي ريت واڌويجهه ڪئي وڃي ته جيئن شرف انسانيت پنهنجي تڪميل تي پهچي وڃي. قرآن الله عظيم، حڪيم ۽ بصير جي طرفان آهي، جيڪو سڀني جو خالق آهي ان ڪري ائين ٿي ئي نٿو سگهي ته ان ۾ ڪائنات بابت ڪو اهڙو اشارو ڏنل هجي جيڪو (معاذ الله) حقيقت جي ابتڙ هجي. جيئن ڪنهن مشين ٺاهڻ وارو، مشين متعلق جيڪا به معلومات ڏيندو اها مشين جي استعمال لاءِ صحيح ۽ حقيقت تي ٻڌل هوندي آهي ان طرح نه صرف انسان پر ڪائنات جو خالق الله آهي ۽ ان کي هر شيءِ جي ڄاڻ آهي. جيئن قرآن ۾ ارشاد آهي: "جنهن پيدا ڪيو سو ڪيئن نه ڄاڻيندو؟ ۽ هو اونهي نظر وارو، خبر رکندڙ آهي."[4] انسان بلڪ پوري ڪائنات الله کان وڌيڪ سمجهڻ واري ٻي ڪا به هستي نه آهي. آدم عليه السلام جي تخليق هڪ آدم عليه السلام جي تخليق نه آهي بلڪ پوري انسان ذات جي تخليق آهي اهو ئي سبب آهي جو آدم عليه السلام سڄي انسان ذات جا جدامجد سمجهيا ويندا آهن.

تنهن ڪري قرآن شريف ۾ آدم عليه السلام جي تخليق ۽ مختلف مرحلن مان گذرندي پيدائش جو ذڪر ڪيترين ئي جاين تي آيو آهي، مثال طور:

"ان آدم عليه السلام کي مٽيءَ مان بڻايائين، وري ان کي چيائين ٿي پئو ته ٿي پيو."[5]

"انهي اوهان کي زمين مان پيدا ڪيو ۽ منجهس اوهان کي آباد ڪيائين."[6]

"جنهن توکي مٽي مان بڻايو وري نطفي مان، وري سنئين لڳين ماڻهو ڪيائين، تنهن جو تو ڇو انڪار ڪيو."[7]

"اسان اوهان کي مٽي مان بڻايو، وري نطفي مان، وري رت جي دڳ مان، وري گوشت جي ٻوٽيءَ مان پورو بڻايو، وري اڌو گابرو بڻايو، هن لاءِ ته اوهان کي کولي ٻڌايون."[8]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"۽ الله اوهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو، وري نطفي مان (بڻايائين) ۽ وري اوهان کي جوڙو جوڙو زال مڙس ڪيائين."(9)

"ماڻهو کي ٺڪر جهڙي وڄندڙ مٽيءَ مان بڻايائين."(10)

يعني انسان جي ابتدا الله تعاليٰ مٽي (زمين) مان ٿي ڪئي، جيئوٽيڪ ظاهري طرح انسان جي تخليق مٽيءَ مان نہ آهي پر در حقيقت ان مان مراد هيءَ آهي تہ ان ۾ مٽيءَ جا عنصر (جزن جا) جوهر موجود آهن. ان ڪري پهرين پهرين تخليق ڪيل انسان کي آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ باقي سڀني کي آدمي يعني مٽيءَ وارا سڏيو وڃي ٿو.

مٽي ڏنل حوالو نمبر 5 ۾ سوره الهود جي آيت ۾ ارشاد آهي تہ انسان کي مٽيءَ مان وسايو (آباد ڪيو) ويو يعني ان کي صلاحيت ڏني وئي تہ هو زمين تي رهائش ڪري، گهر ٺاهي، زمين مان خوراڪ حاصل ڪري ۽ پنهنجي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ زمين تي هٿ پير هڻي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

"۽ بيشڪ، اسان آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪڙڪندڙ مٽيءَ مان، جا ڳوهيل گندي ٿيل هئي، بڻايو."(11)

يعني آدم عَلَيْهِ السَّلَام جن کي اهڙي مٽيءَ مان پيدا ڪيو ويو جيڪا پهرين گارو هئي ۽ پوءِ سُڪي ٺِڪر تي وڄندڙ بڻجي چڪي هئي. مٽيءَ جي مختلف حالتن جي لحاظ کان ان جا مختلف نالا آهن: خشڪ مٽي، تراب، آلي مٽي: طين. ڳوهيل بودار مٽيءَ، حماءِ مسنون. اها ڳوهيل بدبودار مٽي جڏهن خشڪ ٿي وڃي تہ ان کي صلصال چئجي ٿو وري جڏهن صلصال کي باهہ ۾ پچائجي تہ ان کي فخار (ٺڪري) چيو ويندو آهي.

قرآن ۾ الله تعاليٰ آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تخليق جو جهڙي ريت ذڪر ڪيو آهي، ان مان معلوم ٿيو تہ "آدم عَلَيْهِ السَّلَام جو خاڪ جو پتلو ڳوهيل مٽيءَ (حماءِ مسنون) مان ٺاهيو ويو. انهي صلصال کي قرآن ۾ ڪالفخار (ٺڪري) بہ چيو ويو آهي."(12)

انهي آيت کي مفتي محمد شفيع هن طرح بيان ڪري ٿو تہ "انسان جي پيدائش ۾ توڙي جو غالب عنصر مٽي آهي، پر حقيقت ۾ هو مجموعو آهي، باهہ، پاڻي، مٽي، هوا ۽ خاص روح يا نفس جو. انهي جاميعت جي ڪري ڪيس خلافت الاهي جو مستحق بڻايو ويو ۽ معرفت جي نور سان نوازيو ويو. انسان کي الله جون جيڪي تجليون حاصل آهن انهن جي ڪري حڪمتِ الاهي جي هيءَ تقاضا ٿي تہ اُن کي سجدو ڪيو وڃي."(13)





تخليق کي سمجهڻ لاءِ اهو لازمي آهي تہ پهرين لفظ 'خلق' جي معنيٰ ذهن ۾ واضح هجي 'خلق' جي معنيٰ صرف 'عدم کان وجود ۾ آڻڻ'. ناهي بلڪ مختلف عنصرن کي خاص ترتيب ڏئي ان مان ڪا نئين شيءِ ٺاهڻ بہ آهي قرآن ان کي واضح ڪري ٿو تہ الله انسان کي مختلف عنصرن مان ترتيب ڏئي، مختلف مرحلن مان گذاريندي تخليق ڪيو آهي.

قرآن هن ڳالهہ کي واضح طور بيان ڪري ٿو تہ انسان حيواني منزلن کي طئي ڪندو بشريت جي مقام تي نہ پهتو آهي بلڪ ان جي تخليق جي شروعات مٽيءَ جي مادي مان ٿي، الله تعاليٰ صلصال مان حماءِ مسنون جي لفظن ۾ بيان فرمايو آهي 'حماءِ' عربي ٻوليءَ ۾ ڪاري گاري کي چوندا آهن، جنهن مان ڌپ ايندي آهي. اهڙي سڙيل بدبودار گپ جيڪا ايامي ڦاٽي پوي ۽ چيڪي ۽ چيڙهي ٿي وڃي. صلصال، گاري جي ان صورت کي چئبو آهي جيڪو خشڪ ٿي وڄندڙ (ڪڙڪندڙ) بڻجي وڃي. انهي لفظن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ چيڙهي مٽيءَ مان هڪ پتلو ٺاهيو ويو جيڪو خشڪ ٿيو ۽ ان ۾ روح ڦوڪيو ويو.(14)

انسان جي تخليق جي شروعات وارين ڪيفيتن کي سمجهڻ اسان لاءِ مشڪل آهي ۽ اسان ان جي پوري حقيقت جو ادراڪ نٿا ڪري سگهون تہ الله ڪيئن زمين جي مٽي مان بشر تخليق ڪيو هوندو ان جي اندر روح ڦوڪڻ جي نوعيت ڪهڙي هئي پر اها حقيقت آهي تہ قرآن مجيد انسانيت جي شروعات واري ڪيفيت انهن نظرين جي بلڪل ابتڙ بيان ڪري ٿو، جيڪي سائنسي آرتقائي نظرين سان پيش ڪيا ويا. ماضي ۾ چاٽايل سائنسي نظرين تحت انسان غيرانساني يا وري نيم انساني حالتن جا مختلف درجا طئي ڪندو. انسانيت جي مرتبي تي پهتو آهي. قرآن ٻڌائي ٿو تہ "انسان جي شروعات خالص انسانيت مان ٿي آهي. انسان جي تاريخ ڪنهن بہ غيرانساني حالت سان ڪوبہ تعلق ڪانہ ٿي رکي هو پهرين ڏينهن کان ئي انسان ٺاهيو ويو ۽ الله، ڪامل انساني شعور سان گڏ پوري روشنيءَ ۾ هن جي (انسان جي) ارضي زندگي جي شروعات ڪئي. انسان جي تاريخ جا اهي بہ مختلف پهلو آهن جن جي روشنيءَ ۾ بہ مختلف تصور پيدا ٿيا، جن مان هڪ کي اختيار ڪجي تہ انسان جي اصليت حيوانيت نظر ايندي تنهن ڪري ان جي زندگي جا سڀئي قانون ايتري تائين جو اخلاقي قانون بہ اصولن ۾ ٺي ڳولٽا پوندا جن جي تحت حيواني زندگي گذري رهي آهي. حيواني طرزِ عمل انهن لاءِ بلڪل فطري عمل نظر ايندو.

ان جي ابتڙ ٻئي تصور کي اختيار ڪجي ته انسان حيوان ناطق يا وري متمدن حيوان نظر نه ايندو، بلڪ زمين تي الله جو خليفو نظر ايندو. ان جي ڳالهائڻ جي خوبي يا وري اجتماعيت واري خوبي ڪيس ٻي مخلوق کان برک ۽ مٿيرو نٿي ڪري بلڪ اخلاقي ذميواري ۽ اختيار واري امانت (جنهن لاءِ هو الله جي اڳيان جوابده ٿيندو) هن کي سڀني کان اشرف بڻائين ٿيون. اهڙين خوبين، صلاحيتن يا ذميوارين جي ڪري انسان کي اهڙو فلسفو يا نظام اخلاق ۽ تمدن گهرجي جيڪو عالم بالا کان مليل هجي ۽ جيڪو انسان جي خالق خلقيو هجي.“[15]

”۽ جڏهن تنهنجي رب فرشتن کي فرمايو ته مان ڪاري سڙيل وڄندڙ مٽيءَ مان هڪ انسان پيدا ڪرڻ وارو آهيان، جڏهن مان ان کي جوڙي راس ڪري وٺان ۽ ان ۾ پنهنجي پاران خاص معزز روح ڦوڪي ڇڏيان ته ان لاءِ سجدي ۾ ڪري پئجو.“[16]

مٿين آيت: نفخت فيہ من روحي (الحجر:29) جي لفظن مان معلوم ٿئي ٿو ته، ”انسان جي اندر جيڪو روح ڦوڪيو ويو آهي، سو اصل صفاتِ الاهي جو هڪ عڪس آهي. حيات، علم، قدرت، ارادو، اختيار ۽ ٻيون جيڪي به صفتون انسان ۾ موجود آهن جن جو مجموعي طور نالو روح آهي، سي الله جي صفتن جو جزوي عڪس آهن، جن کي هن خاڪي پتلي ۾ وڌو ويو آهي ۽ انهيءَ عڪس جي ڪري انسان زمين تي الله جو خليفو ۽ ملائڪن سان گڏ سڀني موجوداتِ ارضيءَ جو مسجود قرار ڏنو ويو.“[17]

”اهو ئي آهي جنهن توکي هڪ جان مان پيدا ڪيو، پوءِ اوهان لاءِ ٽڪڻ جو هنڌ ۽ سانڍڻ جي جاءِ ڪيائين. بيشڪ سمجهندڙن لاءِ نشانيون کولي بيان ڪيون سون.“[18]

انهيءَ نقطي کي مفتي محمد شفيع بيان ڪندي لکي ٿو ته ’مستقر‘، قرار مان ورتل آهي اها جڳهه جيڪا ڪنهن شيءِ لاءِ جائز قرار ڏني وئي هجي. جڏهن ته مستودع، وديعت مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ ڪنهن شيءِ کي ڪنهن وٽ عارضي طور تي رکڻ آهي. قرآن جي انهن لفظن کي مفسرن مختلف معنائن ۾ ورتو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته مستودع ماءُ جو پيٽ آهي ۽ مستقر دنيا آهي. ڪن وري مستودع قبر کي چيو آهي ۽ ’مستقر‘ دارِ آخرت کي. انسان جي ابتدا کان آخر تائين جيترا مرحلا ۽ درجا آهن سي سڀ مستودع يعني ڪجهه ڏينهن جا آهن.

”انسان پنهنجي سڄي ڄمار هڪ مسافر وانگر گذاري ٿو، جيڪو ظاهري سڪون ۽ قرار واري وقت به حياتيءَ جي سفر جون ارتقائي منزلون طئي ڪندو آهي. مستقر دار الاخر جو مقام جنت يا دوزخ آهي.“[19]

Shah Abdul Latif Bhitai Chair





الله سڀ کان پهرين آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ کي پيدا ڪيو. ان کان پوءِ آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ جي پاسريءَ مان بي بي حوا کي پيدا ڪيو.

”هر شيءِ جو جوڙو پيدا ڪيو ته جيئن توهان نصيحت حاصل ڪري سگهو.“[20]

مٿئين آيت ۾ جيئن ته، ”زمين، آسمان، ڏينهن، رات، گرمي، سردي، چنڊ، سج، فقر ۽ فنا، موت ۽ زندگي، مطلب هر شيءِ جو ضد الله خلقيو آهي. ان طرح هر نوع جا نر ۽ ماديون به آهن انسان جي نسل جو پهريون جوڙو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ ۽ بي بي حوا عليها السلام آهن.

ان طرح ان جوڙي مان انساني نسل جي واڌويجهه ٿي. آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ انسانن جو جد امجد آهي. ان مان باقي انسان پيدا ڪيا ويا. حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَامُ جي تخليق بحيثيت والد جي آهي. بي بي حوّا ۽ آدمؑ (جي پاڻيءَ) مان انسان ذات جي نسل کي وڌايو ويو. جيئن ته اهو پاڻي (نطفہ) نباتاتي ۽ حيواناتي جزن مان ٺهي ٿو. يعني انسان جيڪا خوراڪ کائي ٿو انهن خوراڪي جزن مان نطفو ٺهي ٿو ۽ ان رت مان نطفو ٺهي ٿو. ان طرح اڄ سڌي طرح هر انسان جي پيدائش مٽيءَ مان ٿئي ٿي.“[21]

ڪائنات جي ابتدا جي سلسلي ۾ ان جي تدريجي مرحلن متعلق قرآن هڪ اصول بيان ڪيو آهي، جيڪو هن بحث جو اهم نقطو آهي: ”هو آسمان کان وٺي زمين تائين هر ڪم جي تدبير ڪندو آهي، پوءِ اهو ڪم هڪ اهڙي ڏينهن ۾ ان طرف چڙهي ويندو، جنهن جو اندازو توهان جي ليکي ۽ شمار ۾ هڪ هزار سالن جي برابر آهي. اهو ئي لڪيل ۽ پڌريون حقيقتون ڄاڻڻ وارو، نهايت غالب ۽ گهڻو مهربان آهي، جنهن نهايت خوب ٺاهي جيڪا به شيءِ ٺاهي ۽ انسان جي بناوت مٽيءَ مان شروع ڪئي، پوءِ ان جي نسل کي هڪ بي وقعت پاڻي جي ڦڙيءَ مان اڳتي وڌايو.“[22] هن آيت ۾ اها ڳالهه ٻڌائي وجي ٿي ته: هر انتظام ۽ هر تدبير آسمان کان زمين تائين الله ئي ڪندو آهي. بس زمين تي رڳو ان جو نفاذ ٿيندو آهي. زندگي ۽ موت، صحت ۽ مرض، عطا ۽ منع، جنگ ۽ صلح، عزت ۽ ذلت وغيره، سڀ (رٿائون) تبديرون الله عرش تي ٺاهيندو آهي ۽ زمين تي نافذ ٿيڻ بعد هڪ ڏينهن واپس الله جي طرف موٽي وڃٽيون آهن، تنهن ڪري الله جيڪا شيءِ ٺاهي آهي سا خوب ۽ مضبوط آهي.

مطلب هيءَ ته مشيت ايزدي جي سامهون هڪ اسڪيم هوندي آهي، جنهن کي انتهائي پستي (نقطهِ اول) کان شروع ڪيو ويندو آهي. پوءِ اها اسڪيم انهن خاص

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

قانونن جي اثر هيٺ، جيڪي ان لاءِ متعين ڪيل هوندا آهن. واڌويجهه (ارتقا) جا مرحلا طئي ڪندي طويل عرصي دوران تڪميل (نقطهٔ آخر) تائين پهچي ويندي آهي.

”اهڙين تدبيرن مان انسان به هڪ تدبير آهي، جنهن جي ابتدا الله مٽيءَ مان ڪئي يعني آدم عليه السلام کي تخليق ڪيو. پوءِ ان جي پاسيريءَ مان حوا عليها السلام کي ناهي ۽ پوءِ ان جوڙي مان نسل انساني کي جاري رکيو. نسل کي جاري رکڻ جي قانون تحت ماءُ ۽ پيءُ جي قطره آب مان انساني پيڪر کي گهڙي دنيا ۾ موڪليو وڃي ٿو.“[23]

”خلق الانسان“، ”انهيءَ انسان کي پيدا ڪيوسين.“[24]

يعني قرآن ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائي ٿو ته انسان، انسان جي شڪل ۾ پيدا ڪيو ويو نه ڪي پولڙي يا ڪنهن ٻئي جانور واريون ارتقائي منزلون طئي ڪندو انسان ٿيو. قرآن ۾ ارشاد آهي:

”توهان کي ڇا ٿي ويو آهي جو الله جي وڏائي تي ويساهه نٿا ڪيو، حالانڪ اوهان کي قسمن قسمن ۾ بڻايائين.“[25]

”۽ الله اوهان کي زمين منجهان هڪڙي ڄمائڻ طرح ڄمايو.“[26]

هتي لفظ طرح مان مراد آهي، ”مرحلا آهن جن مان انسان گذرندو پيدا ٿيو، يعني نطفه، علقه، مضغه، عظام ۽ لحم ۽ پوءِ خلق تام.“[27]

سورت النوح ۾ زمين ۾ ڄمائڻ يعني ساوڪ سان مشابهت ڏني آهي، جهڙي طرح سبزو (باغ) هر وقت نگراني جو محتاج هوندو آهي ائين انسان هر وقت پنهنجي رب جي حفاظت جو محتاج آهي. جيئن سبزي کي هر وقت آفتن جو خطرو هوندو آهي ۽ زمين ڪانسواءِ آسماني امداد (مينهن، اُس) جو حاجتمند آهي. ساڳي طرح انسان پنهنجي عملن لاءِ آسماني مدد ۽ الله جي رحمت جو محتاج آهي. انهي سلسلي ۾ قرآن ۾ هيءُ به ارشاد آهي ته:

”توهان هڪ حال کان ٻي حال تي ضرور چڙهندئو“[28]

هڪ حال کان ٻي حال مان مراد انسان جو واحد نفس مان تخليق جو سلسلو مختلف ارتقائي منزلن تي ٻيهندو ٻيهندو اڳيان وڌي ٿو. قرآن جي پهرين وحي انسان جي حقيقت ۾ ان جي خلقت ۽ عظمت جو پيغام کڻي آئي. ان پيغام جا لفظ هي آهن:

”پڙهه، اي نبيﷺ، پنهنجي رب جي نالي سان، جنهن انسان کي ڄميل رت جي لوٿڙي مان پيدا ڪيو ۽ پوءِ پڙهندو رهه، تنهنجو رب وڏو ڪريم آهي، جنهن قلم





جي وسيلي (علم) سيکاريو، جنهن انسان کي اهو ڪجهه سيکاريو جيڪو هو نه ڄاڻندو هو.“[29]

هنن آيتن ذريعي دنيا ۾ جاري قانون خلقت جي ارتقا جي سمجهاڻي ڏني پئي وڃي ته انسان جي تخليق بنيادي طور تي مٽي مان آهي. اها ائين جو انسان جيڪا غذا کائي ٿو اها مٽيءَ مان ٺهي ٿي. ان مان خون، خون مان نطفو ٺهي ٿو. ان نطفي مان گوشت جو ٽڪرو ۽ پوءِ ان مان گوشت جي پنوڙي کي هڏن ۽ انساني عضوون سان نوازيو وڃي ٿو.

ادنيٰ ۽ گندي رت مان هڪ پاڪ انسان ٺهي ٿو. آيت جي ٻئي حصي ۾ قلم جو ذڪر آهي، جنهن جون ٻه معنائون ٿين ٿيون هڪ ته ’قلم‘ سان مراد گهڙڻ جي آهي يعني انسان کي سنواريو ۽ سڌاريو ويو. ٻي معنيٰ قلم جي ذريعي علم ڏنو جيئن هو پاڻ کي بهتر بڻائي ۽ علم وسيلي ترقي ڏانهن وِک وڌائيندو رهي.

قرآن جي انهن بيانن ۽ تفسيرن مان هيءُ واضح ٿئي ٿو ته (آدم) انسان جي ارتقا ٻن قسمن سان ٿئي ٿي:

- جسماني ارتقا: جيڪا مٽيءَ کان مڪمل انسان ٿيڻ تائين پهريون سفر
- روحاني ارتقا: جيڪا جهل کان علم ڏانهن ٿي ٻيو سفر

## پهريون سفر:

ٻج کان وڻ، ڦڙي کان تلاءُ ۽ خاڪ جي ذري کان انسان جي جوڙجڪ تائين ڪيترائي مرحلا آهن. الله تعاليٰ جي اهم تخليق مان هڪ وڏي ۽ عظيم ۽ شان تخليق انسان آهي، قرآن ۾ ارشاد آهي:

”ڪنهن انسان تي زماني مان هڪ (اهڙو) وقت گذري چڪو آهي جو (هو اهڙي) ڪا شيءِ نه هو جا يادگيريءَ ۾ اچي. بيشڪ اسان ماڻهوءَ کي هڪڙي (گهڻن جزن سان) گڏيل نُطفي مان پيدا ڪيو ته ان کي پرکيون، پوءِ کيس ٻڌندڙ، ڏسندڙ ڪيوسون.“[30]

حضرت آدم عليه السلام کان وٺي هر انسان تي اُن جي پيدائشن کان پهرين هڪ اهڙو وقت به گذريو آهي، جڏهن هو قابل ذڪر شيءِ نه هو. حضرت آدم عليه السلام تي اهو وقت تڏهن هو جڏهن منجهس روح نه ڦوڪيو ويو هو ان طرح انسان تي حمل وارو زمانو جڏهن هو ڪجهه به نه هوندو مگر پوءِ الله مٿس احسان ڪري کيس مڪمل انسان ٺاهي،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

عقل ۽ فهم سان پيدا ڪري ٿو. انسان جي ان پيدائش ۾ ان لاءِ آزمائش آهي ته هو الله جو احسان مند رهي ٿو يا وري شيطان جي راهه اختيار ڪري ٿو.

الله فرمائي ٿو: ” اهو ئي آهي جنهن توهان کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو (اوهان جو جمڻ ۽ مرڻ وارو) وقت متعين ڪيو ۽ (هڪڙي ٻي) معين وقت خاص الله ئي مقرر ڪيو آهي پوءِ توهان کي (الله بابت) شڪ آهي ڇا؟“[31]

”الله (اهو) آهي، جنهن اوهان کي مٽيءَ مان بنايو“ [32]

مثال طور ڪو ٻج پوکيون تا ان ٻج ۾ وڌڻ ويجهڻ جي صلاحيت موجود آهي پر جن جزن تي ان جي واڌويجهه جو دارومدار هوندو آهي، اهي هو زمين مان ئي جذب ڪندو آهي. جيڪڏهن زمين ۾ انهن جزن (معدنيات، نمڪيات وغيره) جي کَمي هجي ته پوءِ اُن ٻج مان اُسريل ٻوٽي جي صحيح واڌويجهه نه ٿي سگهندي. اهي جزا مٽيءَ جو ست آهن جن کي حيوانات کائن تا ۽ حيوانات جي گوشت کي ۽ زمين مان اُپايل ٻاڄين کي انسان کائي ٿو. ان طرح اڻ سڌي طرح اهي زميني جزا انسان جي واڌويجهه جو وسيلو بڻجن ٿا، ان ڪري انسان جو آغاز يا پهريون ڏاڪو مٽي جي ست کي چيو ويو آهي.

## پيو سفر:

زندگي جو هيءُ سفر پاڻي کان شروع ٿئي ٿو ۽ انساني عضوون تائين ختم ٿئي ٿو، هن مرحلي ۾ زندگي پنهنجي اک پاڻي جي گهراين ۾ کولي ٿي.

انسان جي تخليق جو سلسلو خاڪ کان آب ڏانهن منتقل ٿئي ٿو. پاڻي ۽ مٽيءَ جي ميلاپ هڪ جيوڙي جي شڪل اختيار ڪري ٿو، جنهن کي قرآن ”طين لازب“ سان تعبير ڪيو آهي. ارشاد آهي:

” ۽ سڀ ڪنهن جيئري شيءِ کي پاڻي مان پيدا ڪيوسون“[33]

” ۽ الله سڀ ڪو جاندار پاڻي مان بڻايو آهي“[34]

”اي انسان جيڪڏهن وري جيئري ٿيڻ کان اوهين شڪ ۾ پيل آهيو ته غور ڪيو اسان اوهان کي مٽيءَ مان بڻايو، وري نطفي مان، وري رت جي دڳ مان، وري گوشت جي لوٿڙي مان پورو بڻايو، وري اڌو گابرو بڻايو هن لاءِ ته اوهان کي کولي ٻڌايون ۽ جنهن کي گهرندا آهيون، تنهن کي مقرر مدت تائين ڳپيرڻين ۾ ٺهرائيندا آهيون. وري ٻار بڻائي اوهان کي ٻاهر ڪيندا آهيون، وري نپائيندا آهيون.“[35]





”پيءُ جي نطفي کي جڏهن رحم مادر ۾ محفوظ ڪجي ٿو ته اتي ٻه ٻار جي ارتقا ٿئي ٿي. 40 ڏينهن کان پوءِ اهو علقہ (گهاٽو رت) ٿي ٿو ”علقہ“ مان وري مغضہ گوشت جو لوٿڙو ٺهي ٿو، جنهن ۾ هڪ خاص وقت کان پوءِ هڏيون ٺهڻ شروع ٿين ٿيون. پوءِ وري هڏين تي خاص مقدار ۾ گوشت چاڙهيو وڃي ٿو. ان کان پوءِ مخلقہ کي واضح شڪل ۽ صورت ڏئي روح ڦوڪيو ويندو آهي ۽ حرڪت، سمع، بصر ۽ ادراڪ جي قوتن سان گڏ ان جي ولادت ٿيندي آهي.“[36]

ان طرح انسان ارتقائي منزلون طئي ڪندو. هن دنيا ۾ اچي ٿو. اهي منزلون چاليهن چاليهن ڏينهن کان پوءِ اچن ٿيون، هڪ خاص مدت تائين رحم مادر ۾ ٽڪڻ دوران هو هڪ حال کان ٻئي حال طرف، هڪ صورت کان ٻي صورت ڏانهن منتقل ٿئي ٿو ۽ هڪ جيئرو جاڳندو انسان بڻجي وڃي ٿو. مٿين آيتن ۾ پيدائش جي قانون جو تفصيل ٻڌايو ويو آهي. ان ۾ فرمايو ويو ته ”مان جو پيٽ توهان لاءِ جاءِ قرار نه هو بلڪ عارضي جڳهه هئي. ان طرح دنيا به جاءِ قرار نه آهي، جهڙي طرح ماءُ جي پيٽ ۾ بدن ڪامل ٿيڻ لاءِ رکيو، ساڳي طرح دنيا ۾ روح کي ڪامل ڪرڻ لاءِ رکيو ويو آهي.“[37]

”اُهو ٻار ماءُ جي بطن مان ضعيف ابهم جي صورت ۾ نڪرندو آهي ۽ ان جو بدن ٿوري سماعت ۽ بصارت مطلب ته سيئي حواس ڪمزور هوندا آهن. پوءِ آهستي آهستي ان کي ترقي ڏني ويندي آهي. ايتري تائين جو پوري قوت تائين پهچي ويندو آهي، پوءِ وري اها عمر به ايندي آهي، جنهن ۾ انسان جا حواس ٻيهر ڪمزور ٿي ويندا آهن، عقل شعور ۾ خلل اچي ويندو آهي. يعني ٻار کان جواني ۽ جوانيءَ کان ڪراڙپ.“[38] قرآن انسان جي تخليق جي انهن ارتقائي مرحلن کي هن طرح بيان ڪري ٿو:

”وري ان کي نطفو بڻائي محڪم جاءِ ۾ رکيوسون، وري ان نطفي کي رت جو دڳ بڻايو سون، وري (ان) رت جي دڳ کي لوٿڙو بڻايو سون، وري (ان) لوٿڙي کي هڏا بڻايوسون، ۽ پوءِ انهن کي گوشت پهرايو سون، وري ان کي ٻي نئين بناوٽ ۾ آندو سون“[39]

” ۽ سندس نشانين مان هيءَ به آهي ته اوهان کي مٽيءَ مان بڻايائين ۽ هاڻي توهان ماڻهو ٿي گهمو ڦرو تا“[40]

”جو اوهان مان اوهان لاءِ زالون پيدا ڪيائين“ [41]

”هن توهان کي هڪ جان مان پيدا ڪيو، پوءِ انهي مان ان جو جوڙ پيدا ڪيو، هو توهان کي توهان جي مائرن جي پيٽ ۾ هڪ بناوٽ کان پوءِ ٻي بناوٽ تي، ٽن ٽن اونداهين ۾ پيدا ڪندو آهي. اهو ئي الله اوهان جو رب آهي.“[42]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”۽ ماڻهوءَ جي پيدائش کي مٽيءَ مان نئون شروع ڪيائين، وري سندس اولاد بيقدر پاڻي جي نچوڙي مان بڻايائين. وري ڪيس سنئين لڱين ڪيائين ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيائين ۽ اوهان جون ڪن ۽ اکيون ۽ دليون بڻايائين.“(43)

يعني هُن انسان جي مڪمل تڪميل ڪري ان کي عقل ۽ فهم ڏنو ته جيئن هر شيءِ کي سمجهي سگهي. ايترن احسانن هوندي به، انسان الله جو ناشڪرو آهي. الله جي ذات هر شيءِ کي حسين ۽ بهتر ٺاهيو ۽ انهن مان سڀ کان حسين انسان کي ٺاهيو. ان سان گڏ قدرت جي ڪمال جي اظهار لاءِ ٻڌايو ويو آهي ته، ”تخليق جي مادي کي سيني کان اشرف ۽ اعليٰ ڪري ڇڏيو ۽ انسان کي اشرف المخلوقات قرار ڏنو.“(44)

قرآني نظرياتي ارتقا اصل ۾ گهڻو اڳ مسلمان دريافت ڪري چڪا هئا پر افسوس جو ان وقت تحقيق جا طريقا ۽ نيون ايجادون نه هجڻ ڪري ان جي پبلسٽي نه ڪري سگهيا. نه مسلمانن جي ايندڙ نسل پنهنجي علم جي ذخيري (قرآن) کي سنڀاليو ۽ نه وري ان کي سمجهي سگهيا. اولهه جا سائنسدان ۽ مفڪر جيڪڏهن پنهنجي علمي ڪاوشن جي شروعات قرآن کان ڪن ها ته صحيح معلومات کي گهڻو اڳ هٿ ڪري وٺن ها.

## روحاني ارتقا:

انسان جي هيءَ ارتقا جهل کان علم ڏانهن ٿي. قرآن ۾ ارشاد آهي ته: ”پوءِ ان کي درست ڪيو ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيو ۽ اوهان جون ڪن ۽ اکيون دليون بڻايائين.“(45)

هاڻي سوال هي آهي ته روح ڇا آهي؟ ڇا اهو مادو آهي، جيڪو صرف وزن رکي ٿو؟ قرآن ۾ روح کي (امر ربي) چيو ويو آهي. اهو روح خداوندي ڇا آهي؟ جنهن جي ڪرشمي پيڪرِ آب کي ڪائنات جي جان ٺاهي ڇڏيو.

هن مقام تي ايترو سمجهڻ ڪافي آهي ته قرآن ۾ روحِ انساني جو ذڪر نه بلڪ روح خداوندي جو ذڪر ڪيل آهي. روح معنيٰ توانائي يعني اها طاقت جيڪا انسان جي ذات ۾ ’اختيار ۽ ارادي‘ جي حامل هوندي آهي. مٿين آيت ۾ ارشاد آهي:

” اوهان لاءِ ڪن، اکيون ۽ دليون بڻايائين.“

چوڻ ۾ ته هي صرف ٽي لفظ آهن، پر غور ڪجي ته انسانيت جي شرف جي پوري دنيا انهن ٽن لفظن ۾ سمايل آهي. سمع ۽ بصر انساني حواسن جا نمائندا آهن، جيڪي خارجي دنيا جي معلومات انسان جي قلب تائين پهچائين ٿا ۽ انسان ان قابل ٿي وڃي ٿو ته هو پنهنجا فيصلا ڪري سگهي. قرآن ۾ آهي ته: ”جڏهن تنهنجي رب ملائڪن کي چيو ته مان مٽيءَ مان انسان ٺاهڻ وارو آهيان، پوءِ جڏهن ان کي ٺاهي جوڙي وٺان ۽ پنهنجي طرفان روح ڦوڪي ڇڏيان ته توهان ان کي سجدو ڪجو.“(46)





هاڻي انسان جو خاڪي پتلو ارتقا ڪندي اُن مقام تي پهتو جتي انسان چَورائڻ جي قابل ٿي ويو، جتي ڪيس سمع ۽ بصر کان علاوه شعور ۽ ادراڪ، ارادو ۽ اختيار عطا ڪيو ويو. هن مقام تي انسان هُو (هو) بجاءِ ڪم (تون) سان مخاطب ڪيو ويو. هن کان اڳ جيڪا به مخلوقات هئي، انهن مان ڪنهن کي به هي مقام يا منزل نه ملي هئي. هاڻي ان عقل جي ذريعي انسان الله جي قانون جي اطاعت ڪري يا وري ان کان سرڪشي اختيار ڪري، اهو سندس مرضي تي ڇڏيل آهي.

چوندا آهن ته علم جو پهريون درجو Perceptual آهي، يعني اهو علم جيڪو حواسن جي ذريعي حاصل ڪجي يعني هر شيءِ جو نالو هجڻ، ٻيو درجو Conceptual آهي، يعني تصور متعين ڪرڻ، تصور ۽ اسماء (نالن) جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي، ڇو جو ڪو به تصور ان وقت تائين ذهن ۾ نٿو اچي سگهي، جيستائين ان جو ڪو نالو نه هجي. اهو ئي سبب آهي جو الله (جل جلاله) آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي سڀ کان پهرين ’علم اسماء اشياء‘ سيکاريو، يعني سمورين شين جا نالا ٻڌايا قرآن ۾ ارشاد آهي: ”۽ الله آدمؑ کي سڀني شين جا نالا سيکاريا.“(47)

ان وقت آدم عَلَيْهِ السَّلَام وٽ سمع ۽ بصر سان گڏ ’علم الاسماء‘ يعني Conceptual ڄاڻ جي صلاحيت پڻ هئي. اها هئي ارتقا جي اهم ڪڙي، جنهن انسان ۽ ٻي مخلوق ۽ شين جي فرق کي ظاهر ڪري ڇڏيو. انهيءَ منزل يا علم ۽ عقل سان انسان پنهنجي ارتقائي منزلون طئي ڪندو رهي ٿو ۽ زندگي بهتر يا بدتر بنائي ٿو.

### حوالا

1. موريس بوڪائي، مترجم: ثناءالحق صديقي، ’بائبل، قرآن اور سائنس‘، اداره القرآن و العلوم، السلاميه ڪراچي، 1999ع، ص 62، (بحوالا: عهد نامه قديم، ڪتاب پيدائش، دنيا جي تخليق، آيت 20، 23).
2. ساڳيو، آيت: 24، 26، ص 63.
3. امروٽي، تاج محمود، ’قرآنِ عظيم‘، سوره اليوسف، آيت: 108، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ص: 299.

4. ساڳيو، سوره الملڪ، آيت: 14، ص: 680.
5. ساڳيو، سوره آلعمران، آيت 59، ص: 80.
6. ساڳيو، سوره الهود، آيت: 61، ص: 286.
7. ساڳيو، سوره الڪهف، آيت: 37، ص: 359.
8. ساڳيو، سوره الحج، آيت: 05، ص: 400.
9. ساڳيو، سوره الفاطر، آيت: 11، ص: 525.
10. ساڳيو، سوره الرحمان، آيت: 14، ص: 639.
11. ساڳيو، سوره الحجر، آيت: 26، ص:318
12. مودودي، ابو الاعليٰ، 'تفهيم القرآن'، ج-2، اداره ترجمان القرآن. لاهور، 1994ع، ص: 504.
13. محمد شفيع، مفتي، 'معارف القرآن'، ج 5، اداره معارف القرآن، ڪراچي، 2002ع، ص: 299.
14. مودودي، ابو الاعليٰ، 'تفهيم القرآن'، ج-2، اداره ترجمان القرآن. لاهور، 1994ع، ص: 504.
15. ساڳيو، ص: 11.
16. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره الحجر، آيت: 28-29، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص: 18.
17. مودودي، ابو الاعليٰ، 'تفهيم القرآن'، ج-2، اداره ترجمان القرآن. لاهور، 1994ع، ص: 505.
18. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره الانعام، آيت: 98، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص: 180.
19. محمد شفيع، مفتي، 'معارف القرآن'، ج 3، اداره المعارف القرآن، ڪراچي، اپريل 2002، ص: 404.
20. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره الذاريات: آيت: 49، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص: 629.
21. خان، احمد رضا، 'ڪنز الايمان تفسير نور العرفان'، اداره ڪتب اسلاميه، لاهور پاڪستان، ص: 834.
22. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره السجده: آيت: 5-8، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص: 500.
23. پرويز، غلام احمد، 'ابليس و آدمؑ'، طلوع اسلام ٽرسٽ، لاهور، 1994ع، ص: 7-8.
24. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره الرحمٰن، آيت: 3، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص:639.
25. ساڳيو، سوره النوح، آيت: 13- 14، ص: 691.
26. ساڳيو، سوره النوح، آيت: 17، ص: 691.





27. محمد جونا ڳڙهي، صلاح الدين يوسف، 'القرآن الڪريم ترجمه و تفسير'، شاهه فهد قرآن ڪريم پرنٽنگ ڪامپليڪس، مدينه منوره، ص: 1634.
28. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره الانشقاق، آيت: 19، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص: 715.
29. ساڳيو، سوره العلق، آيت: 1-5، ص: 724.
30. ساڳيو، سوره الدهر، آيت: 1-2، ص: 701.
31. ساڳيو، سوره الانعام، آيت: 02، ص: 155.
32. ساڳيو، سوره المومن، آيت: 67، ص: 581.
33. ساڳيو، سوره الانبياء، آيت: 30، ص: 391.
34. ساڳيو، سوره النور، آيت: 45، ص: 429.
35. ساڳيو، سوره الحج، آيت: 5، ص: 400.
36. محمد جونا ڳڙهي، صلاح الدين يوسف، 'القرآن الڪريم ترجمه و تفسير'، ص: 941.
37. خان، احمد رضا، 'ڪنزالايمان تفسير نور العرفان'، اداره ڪتب اسلاميه، لاهور پاڪستان، ص:529.
38. محمد شفيع، مفتي، 'معارف القرآن'، ج 6، اداره المعارف القرآن، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص:24.
39. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره المومنون، آيت: 13-14، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص: 412.
40. ساڳيو، سوره الروم، آيت: 20، ص: 489.
41. ساڳيو، سوره الروم، آيت: 21، ص: 489.
42. ساڳيو، سوره الزمر، آيت: 6، ص: 552.
43. ساڳيو، سوره السجده، آيت: 7-9، ص: 500.
44. محمد شفيع، مفتي، 'معارف القرآن'، ج 7، اداره المعارف القرآن، ڪراچي، اپريل 2002ع، ص:61-62.
45. امروٽي، تاج محمود، 'قرآنِ عظيم'، سوره السجده، آيت: 9، تاج ڪمپني لميٽيڊ، 1988ع، ص:500.
46. ساڳيو، سوره ص، آيت 71-72، ص: 550.
47. ساڳيو، سوره البقره، آيت:31، ص: 9.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair